اُتْلُ مَآ اُوْحِیَ اِلَیْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰی الجزء ۲۱
عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ وَ اللّٰهُ یَعْلَمُ مَا
تَصْنَعُوْنَ ۝۴۵ وَ لَا تُجَادِلُوْۤا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ ۖۗ اِلَّا الَّذِیْنَ
ظَلَمُوْا مِنْهُمْ وَ قُوْلُوْۤا اٰمَنَّا بِالَّذِیْۤ اُنْزِلَ اِلَیْنَا وَ اُنْزِلَ اِلَیْكُمْ وَ اِلٰهُنَا وَ
اِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ۝۴۶ وَ كَذٰلِكَ اَنْزَلْنَاۤ اِلَیْكَ الْكِتٰبَ ؕ
فَالَّذِیْنَ اٰتَیْنٰهُمُ الْكِتٰبَ یُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۚ وَ مِنْ هٰۤؤُلَآءِ مَنْ یُّؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَ
مَا یَجْحَدُ بِاٰیٰتِنَاۤ اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ ۝۴۷ وَ مَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ
كِتٰبٍ وَّ لَا تَخُطُّهٗ بِیَمِیْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ ۝۴۸ بَلْ هُوَ اٰیٰتٌۢ
بَیِّنٰتٌ فِیْ صُدُوْرِ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ وَ مَا یَجْحَدُ بِاٰیٰتِنَاۤ اِلَّا
الظّٰلِمُوْنَ ۝۴۹ وَ قَالُوْا لَوْ لَاۤ اُنْزِلَ عَلَیْهِ اٰیٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّمَا الْاٰیٰتُ
عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ اِنَّمَاۤ اَنَا نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ۝۵۰ اَوَ لَمْ یَكْفِهِمْ اَنَّاۤ اَنْزَلْنَا عَلَیْكَ
ع ۵/۷ الْكِتٰبَ یُتْلٰی عَلَیْهِمْ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّ ذِكْرٰی لِقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ ۝۵۱ ع
قُلْ كَفٰی بِاللّٰهِ بَیْنِیْ وَ بَیْنَكُمْ شَهِیْدًا ۚ یَعْلَمُ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ
وَ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ وَ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝۵۲
وَ یَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَ لَوْ لَاۤ اَجَلٌ مُّسَمًّی لَّجَآءَهُمُ الْعَذَابُ ؕ

وَ لَيَاْتِيَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٥٣﴾ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَ
اِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ يَوْمَ يَغْشٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ فَوْقِهِمْ
وَ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ وَ يَقُوْلُ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٥﴾ يٰعِبَادِيَ
الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ فَاعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾ كُلُّ نَفْسٍ
ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ۫ ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿٥٧﴾

اي نبي محترم ﷺ! هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهہ توتي وحي ڪيو ويو آهي، ان کي پڙهندا رهو ۽ اقامت صلواة جا پابند ٿيو، يقينًا نماز بي حيائي ۽ براين کان روڪي ٿي ۽ الله جو ذڪر (وڏو سودمند) آهي ۽ جو ڪجهہ اوهان ڪيو ٿا، اهو سڀ الله ڄاڻي ٿو.(45) (مگر اهڙن) اهل ڪتاب سان بحث مباحثي ۾ الجهڻ بدران جيڪي هڪ دعوت ٻڌڻ گهرن ٿا. هنن سان سهڻي نموني گفتگو ڪريو، پر جيڪڏهن هو مشتعل ٿي، سرڪشي اختيار ڪن تہ پوءِ انهن سان بحث ۾ الجهڻ بدران چئو تہ اسان ايمان رکون ٿا ان تي جو اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ ان تي ايمان رکون ٿا، جيڪو اوهان تي نازل ٿيل آهي. انهن ٻنهي ۾ هڪ الله جي ڳالهہ آهي اسان جو ۽ توهان جو هڪ معبود آهي ۽ اسان ان جي آڏو سر جهڪائي مسلمان ٿي ويا آهيون. (46) ۽ نبي محترم ﷺ! اسان انهي طرح (سنة الله موجب) هي ڪتاب توتي نازل ڪيو آهي (جو پوين ڪتابن جو مهيمن (محافظ) آهي، ان تي اهي ماڻهو جيڪي سنجيده آهن، اهي بہ ان تي ايمان آڻيندا ۽ هنن (منڪر) ماڻهن مان بہ ايمان آڻيندا. هن کان انڪار تہ رڳو اهي ڪندا، جيڪي ازلي ڪافر آهن. (47) اي نبي محترم ﷺ!

توهان هن کان اڳ ڪو بہ ڪتاب ڪو نہ پڙهندا هئا ۽ نہ توهان ان کي سڄي
هٿ سان لکندا هئا (ها جيڪڏهن ائين هجي ها) تہ پوءِ هي هن کي ڪوڙو
ڪوٺڻ وارا ضرور هن تي شڪ ڪري سگهن ٿا. (48) بلڪ هي روشن آيتون
آهن، جيڪي انهن ماڻهن جي سينن ۾ محفوظ آهن، جن کي هن جو علم
عطا ڪيو ويو آهي. اسان جي آيتن جو رڳو اهي انڪار ڪن ٿا، جيڪي
انصاف نا پسند ظالم ماڻهو آهن. (49) ڪافر چون ٿا تہ پروردگار طرفان هن تي
نشانيون (معجزا) نازل ڇونہ ٿيا آهن. هنن کي چئو تہ اوهان جيڪي نشانيون
گهرو ٿا، اهي نشانيون ۽ معجزا تہ الله تعالىٰ جي هٿ وس آهن. مان تہ اوهان
لاءِ نذير يعني برن عملن جي هولناڪ نتيجن کان خبردار ڪرڻ وارو آهيان.
(50) ڇا هنن ماڻهن لاءِ (معجزو) هي ڪتاب ڪافي نہ آهي، جيڪو توتي نازل
ٿيو آهي، جيڪو هنن کي پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو. هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هن
ڪتاب ۾ مؤمنن لاءِ رحمت ۽ نصيحت آهي.(51) هنن کي چئو تہ منهنجي ۽
توهان جي درميان الله تعالىٰ ئي ڪافي گواهہ آهي. آسمانن ۽ زمين ۾ جو
ڪجهہ آهي، اهو سڀ ڪجهہ هو ڄاڻي ٿو. جن ماڻهن حق جو انڪار ڪيو ۽
باطل کي قبول ڪيو، اهي نقصان وارا آهن. (52) هي ماڻهو توکان عذاب آڻڻ
جي جلدي ڪري رهيا آهن. (53) جيڪڏهن عذاب لاءِ وقت مقرر ٿيل نہ هجي
ها تہ پوءِ ضرور اچي وڃي ها (پر دير سوير) دوزخ ڪافرن کي گهيري ونندي.
(54) جڏهن عذاب هنن کي مٿان هيٺان پيرن کان ڇانئجي ويندو ۽ ان وقت
ڪين خدا تعالىٰ چوندو تہ پنهنجي ڪيئي (ڪمائي) جو ڪيتو (سزا) لوڙيو.
(55) اي منهنجا ٻانها! جن مون تي ايمان آندو آهي، مون الله جي زمين
ڪشاده آهي، ان ڪري رڳو منهنجي عبادت ڪريو. (56) هر جاندار کي موت
جو مزو چکڻو آهي ۽ آخرڪار اسان ڏانهن واپس وري ايندا. (57)

الله جل شانه طرفان هڪڙا اهي قانون آهن، جيڪي خارجي ڪائنات ۾ هر طرف پکڙيل آهن، جن کي فطرت جا قانون سڏيو ويندو آهي، جن جو اطلاق انسان کانسواءِ باقي ڪائنات جي شين تي لاڳو آهي ۽ اهي ان کان وار جي سري جيترو بہ انحراف نٿا ڪن، ٻيا قانون اهي آهن، جيڪي انسانن جي رهبري ۽ ڪارگذاري لاءِ وحي ذريعي ڏنا ويا آهن. اي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ! جيڪي احڪام ۽ قانون توکي وحيءَ جي ذريعي ڏنا ويا آهن، اهي ماڻهن آڏو سندن رهبري لاءِ پيش ڪندا رهو ۽ اقامت صلواة جو اهتمام ڪريو. (الڪهف: 27/18، آل عمران:3/ 103، النحل: 127/16) حديث شريف ۾ آهي تہ الله جو ڪتاب الله جي اها ڏگهي رسي آهي، جيڪا آسمان کان زمين تائين آهي، جنهن جو هڪ سرو الله جي هٿ ۾ آهي ۽ ٻيو سرو قرآن تي عمل ڪرڻ واري جي هٿ ۾ آهي. دين تي قائم ۽ دعوت جي جدوجهد جاري رکڻ لاءِ صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺو. قرآن ڪريم ۾ اقامت صلواة جو گهڻو ذڪر آهي. ”وَ اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ“ (البقره: 45/2) حديث شريف آهي: ”كَان النَّبِيُّ ﷺ اِذا حَزَبَه اَمْرٌ فَزِعَ اِلَى الصَّلَاةِ“ (مسند احمد، سنن ابي داؤد) حضور خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ کي جڏهن بہ ڪو شديد معاملو پيش ايندو هيو تہ پاڻ فورًا نماز جو اهتمام ڪرڻ فرمائيندا هئا. دراصل استقامت الله جل شانه جي محبت (ساڻ هجڻ) سان ٿيندي آهي ۽ نماز الله تعالىٰ جي ايترو قريب آهي، جو گويا اوهان الله تعالىٰ سان محوِ ڪلام آهيو. سورة العلق ۾ آهي. ”وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ“ سجدي ۾ جبين نياز جهڪائي الله جي قرابت (معيت) ساٿ ۽ ويجهڙائي حاصل ڪر. سوره طٰهٰ: 14/20، سورة الحجر: 9/15 ۾ پڻ آيو آهي. الله تعالىٰ جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ نماز اهم وسيلو ۽ ذريعو آهي. هن ۾ خاص طرح صلواة اليل تهجد کي وڏي اهميت آهي. ”وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ عَسٰۤى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا○“ (بني اسرائيل: 79/17) ۽ رات جو ان قرآن سان تهجد پڙهہ، جيڪو تو لاءِ وڌيڪ عبادت آهي. جلد تنهنجو پروردگار توکي مقام محمود تي اتاريندو. ”اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّ اَقْوَمُ قِيْلًا○“ (المزمل: 6/73) ”وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا○“ (المزمل: 4/73) ۽ رات جي نماز ۾ قرآن ناهي ناهي پڙهہ.

بيشڪ رات جو (ننڊ مان) اٿڻ نفس اماره کي لتاڙڻ ۽ ڪريم الله سان هم ڪلامي ٿيڻ پڪي پختہ ڳالهہ آهي. رات جي وقت جڏهن هر طرف سڪون آهي ۽ ان

وقت دل ۽ دماغ يڪسوئي سان پروردگار ڏانهن پوري طرح متوجه آهن ۽ قرآن جي تلاوت ۽ عجز نياز واري نماز ته الله تعاليٰ سان رابطي ۽ قرب ۽ معيت حاصل ڪرڻ جو بهترين وسيلو ۽ ذريعو آهن. ان وقت ٻانهن جي زبان کان نڪتل الفاظ تير به هدف آهن. نماز انسان کي جذبات جي غلبي، شهوات جي حملي ۽ خواهشن جي هجوم کان روڪڻ جو ذريعو آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ لَّمْ تَنْهَهٗ صَلَاتُهٗ عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ لَمْ تَزِدْهُ مِنَ اللّٰهِ اِلَّا بُعْدًا وَمَا يَزِدْ لَهَا مِنَ اللّٰهِ اِلَّا مَقْتًا" جيڪا نماز ماڻهوءَ کي بي حيائي ۽ برائي جي ڪمن کان نٿي روڪي، اها نماز الله تعاليٰ کان پري ڪري ڇڏيندي ۽ الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ بدران هن جي ناراضگيءَ جو سبب ٿيندي. "فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ○ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ○ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ" (الماعون: 4/107 کان 6) جيڪي نماز ۾ ويسلا ۽ روڳي آهن، اهڙن نمازين لاءِ تباهي آهي. انسان کي بار بار آگاهه ڪري ٿي ته توکي الله تعاليٰ جي حضور پيش ٿيڻو آهي. پنجگانه نماز ۽ رات ڏينهن جا نوافل دين تي قائم رهڻ جي ضمانت آهن ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر نهايت وڏن فائدن ۽ ڪاميابين جو رستو آهي. "اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ" (الرعد: 28/13) ياد رکو ته دلين کي اطمينان الله تعاليٰ جي ذڪر سان ايندو آهي. (البقره: 152/2) دل کي قوت ڏيڻ سڀ کان زياده الله تعاليٰ جي ياد آهي، جنهن جو جامع ۽ مؤثر شڪل نماز آهي. ۽ نماز ان ذڪر جو اعليٰ مثال ۽ افضل ترين طريقو آهي. نماز بعد به الله تعاليٰ سان رابطو قائم رکڻ لاءِ زبان تي الله تعاليٰ جي اسماءِ حسنيٰ جو ورجائڻ، انسان کي شيطان ۽ شيطاني حرڪتن کان بچائي ٿو.

دل بیار    دست بکار

هٿ پلي ڪم ڪار ۾ رڌل رهن، پر دل جو تعلق الله جل شانه سان قائم رهي.

هر ساهه کڻڻ ۽ ڪيڻ ۾ الله تعاليٰ ذوالجلال جي ياد تازه رهي. "وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّ نَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ○" (طٰهٰ: 124/20) جيڪو منهنجي يادگيري کان منهن موڙيندو، تنهن لاءِ بيشڪ حياتي تنگ ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي انڌو ڪري اٿارينداسون. "وَ قَدْ اٰتَيْنٰكَ مِنْ لَّدُنَّا ذِكْرًا○ مَنْ اَعْرَضَ عَنْهُ فَاِنَّهٗ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وِزْرًا○" (طٰهٰ: 100/20-99) اسان توکي ذڪر (نهايت وڏي شان وارو قرآن) ڏنو آهي،

سو جيڪو ماڻهو به ان ڪان منهن موڙيندو، سو قيامت جي ڏينهن وزني بار کڻندو. (المعارج: 21/70 ڪان 27) ”اَلَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوْدًا وَّ عَلٰى جُنُوْبِهِمْ“ (آل عمران: 191/3) جيڪي ماڻهو بيٺي ويٺي ۽ پنهنجي پاسي پر ليٽيل الله کي ياد ڪندا آهن. نماز ۽ الله جي ذڪر جو بيان ته قرآن ۾ گهڻين جاين تي موجود آهي. اوهان جو ڪجهه ڪيو ٿا، الله ان ڪان بخوبي آگاهه آهي. معلوم ٿيو ته الله جل شانه جي ذڪر ڪان وڏيڪ ڪا شي ناهي. ڪجهه اصحاب سڳورا حلقه ٺاهيو ويٺا هئا. پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جي پڇڻ تي چيائون: ”جَلَسْنَا نَذْكُرُ اللّٰهَ وَنَحْمَدُهٗ عَلٰى مَا هَدَانَا لِلْاِسْلَامِ وَمَنَّ بِهٖ عَلَيْنَا“ اسان ان ڪري ويٺا آهيون ته الله جو ذڪر ڪريون ٿا، جنهن اسان کي اسلام جي دولت سان مالا مال ڪيو آهي ۽ ان جي احسان جو شڪر ادا ڪريون ٿا. حضور خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم جن فرمايو: ”اِنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ يُبَاهِيْ بِكُمُ الْمَلَآئِكَةَ“ الله عزو جل جو ذڪر ڪرڻ سان الله فرشتن سان گڏ اوهان تي فخر ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ذڪر واري محفل ۾ رڳو اچي ويهي ته الله تعاليٰ ان لاءِ به فرمائي ٿو ته ”لَا يَشْقٰى جَلِيْسُهُمْ“ هي منهنجي ياد ڪرڻ وارا اهڙا انسان آهن، جو انهن سان اچي گڏ ويهڻ وارو به بدبخت نٿو رهي. ”فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ○“ (البقره: 152/2) اهڙي طرح آهي: ”وَلَذِكْرُ اللّٰهِ اِيَّاكُمْ اَفْضَلُ مِنْ ذِكْرِكُمْ اِيَّاهُ“ الله اوهان کي اوهان جي ذڪر ڪان وڏيڪ ياد ڪري ٿو.

قرآن جي هن نظام جي قيام ۾ اهل ڪتاب پاران وڏو اعتراض اهو هوندو ته جڏهن اسان وٽ توريت الله جو ڪتاب موجود آهي ته پوءِ اسان قرآن کي ڇو قبول ڪيون، حالانڪه تورات ۾ تحريف ۽ تبديلي اچڻ ڪري اصلي حالت ۾ نه رهيو آهي. (البقره: 2/ 79) پر ان هوندي به جيڪڏهن اهل ڪتاب يا انهن مان ڪا جماعت هن دعوت طرف متوجه ٿين ٿا يا ائين بحث مباحثو ڪن ٿا ته انهن سان بحث بهترين طريقي سان ڪريو، جنهن جي وضاحت آڏو اچي ٿي ته پهريان اهي شيون پيش ڪريو، جيڪي توهان جي ۽ هنن جي درميان مشترڪ آهن. (آل عمران: 64/3) پوءِ انهن مشترڪ اقرار ۽ اقوال جي اهميت ڏانهن توجه ڪرايو وڃي، جتي جتي به ۽ جنهن وقت ڪو اختلافي مسئلو پيدا ٿئي (آل عمران: 3/66-65) ان کي شائسته ۽ مهذب زبان معقول دليلن سان افهام تفهيم جي جذبي سان پيش ڪيو وڃي. توهان جو انداز بيان حڪيماڻو هئڻ گهرجي. مناظري

وارو نہ هجي. (النحل: 125/16، حٰم السجده:34/41) "فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى" (طٰهٰ: 44/20) ۾ بہ موسىٰ عليہ السلام کي الله جل شانہ طرفان اها هدايت آهي تہ جڏهن فرعون سان گفتگوءَ جو سلسلو شروع ٿئي تہ توهان ٻئي (موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام) نرمي سان ڳالهايو تہ من هو (فرعون) نصيحت وٺي يا کيس خدا جو خوف لاحق ٿئي. "اَحْسَنُ الْكَلَامِ مَا قَلَّ وَدَلَّ" بهترين گفتگو (وعظ تقرير) اها آهي، جيڪا ٿورن لفظن ۾ ڀرپور دليلن سان هجي. "وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ" (حٰم السجده: 34/41) حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم لاءِ آهي: "فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَ لَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَا نْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ" (آل عمران: 159/3) اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم الله جي ٻاجھہ سان هنن لاءِ نرم ثابت ٿيو آهين، پر جيڪڏهن (گفتگو يا ميل جول ۾) شوخ، ڪاوڙيل ۽ سخت دل هجين ها تہ تنهنجا هي ساٿي تنهنجي قربت کان ڀڄي وڃن ها. جيڪا جنگ تلوارن ۽ هٿيارن سان جيتي نٿي سگهجي، اها نرم ۽ شائستہ گفتگوءَ سان کٽي سگهجي ٿي.

جَرَاحَاتُ السِّنَانِ لَهَا الْتِئَامُ
وَلَا يَلْتَامُ مَا جَرَاحَا اللِّسَانُ

تيرن ۽ تلوارن جا زخم ڇٽي وڃن ٿا، پر زبان جا رسيل زخم نٿا ڇٽن.

پر جيڪڏهن مد مقابل احسن، نرم ۽ شائستہ گفتگوءَ سان نصيحت حاصل نٿا ڪن ۽ الٽو سرڪشي ۽ زيادتي تي لهي اچن ٿا تہ پوءِ انهن سان نزاع ۽ جهيڙي ۾ الجهڻ بدران کين سلام ڪري هليا وڃو. (النحل: 125/16، المؤمنون: 96/23، الاعراف: 199-200/7) "وَاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا" (الفرقان: 63/25) "لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ" (النساء: 148/4) الله تعالىٰ گندي ۽ خراب نموني سان زور زور سان ڳالهائڻ کي پسند نٿو ڪري سواءِ مظلوم جي ظالم خلاف دانهن جي. "وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَ اغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ؕ اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ○" (لقمان: 31/19) ۽ پنهنجو آواز جهڪو رک ڇو تہ آواز مان بڇڙو آواز گڏھ جي هينگ آهي. تون هنن کي چئو تہ اسان تي جيڪو نازل ٿيو آهي، اسان ان کي بہ مڃون ٿا ۽ جيڪو اوهان تي نازل ٿيو آهي، انهيءَ کي بہ (حق) مڃون ٿا. اسان جو توڙي توهان جو الله هڪ آهي ۽ اسان ان کي مڃيندڙ ۽ ان

اڳيان سجده ريز ٿيندڙ آهيون. اسان به اوهان کي ان هڪ الله جل شانه لاءِ چئون ٿا ته معبود صرف اهو هڪ الله عزو جل آهي. ٻيو ڪير به ناهي. هيءُ ڪتاب قرآن به انهيءَ ساڳئي اصول جي ڪڙي آهي. دين هميشه هڪ رهيو آهي. سمورا ڪتاب، رڳو انهيءَ هڪ دين جي دعوت پيش ڪن ٿا. هي قرآن به انهن جي تعليم جو محافظ به آهي ۽ هن ۾ وڌيڪ احڪامات به آهن ته جنهن تي دين جي تڪميل ٿي رهي آهي. (المائده: 3/5) ۽ هي آخري ڪتاب آهي. ”اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ “ (آل عمران: 19/3) الله وٽ مقبول صرف هڪ دين آهي. دين اسلام آهي. ”وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ“ (آل عمران: 85/3) ”وَ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ“ (آل عمران: 84/3) اسان رڳو ان هڪ دين، دين اسلام ۽ هڪ الله کي مڃون ٿا، جو ته اسلام کانسواءِ ڪير به ٻيو دين مڃيندو، نه اهو الله تعالیٰ وٽ قبول نه هوندو. سو جن (اهل ڪتاب) کي اسان هن کان اڳ ڪتاب (توريت) سان نوازيو آهي، انهن ۾ اهڙا به معتدل ماڻهو آهن، جيڪي ڪتاب تي ايمان آڻيندا ۽ ان مان ڪجهه ماڻهو مُشرف باسلام ٿي رهيا آهن، جن جو ذڪر سورة القصص: 53/28 ۾ حبشه جي ان قبيلي ڏانهن اشارو آهي جيڪي حضور خاتم النبيين ﷺ وٽ آيا ۽ مسلمان ٿي ويا. (المائده: 5/ 48-44-45-47-15-3) جن ۾ ڪجهه مشرڪين مڪه به شامل آهن، پر هن قرآن جو انڪار اهي ماڻهو ڪندا، جن شروع کان ئي اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته چا به هجي، ڪيترا به دليل ۽ ثبوت سَندَ سميت پيش ٿين، پر اسان کي هر حال ۾ قبول ڪرڻو ناهي ۽ انهن جو ڪلي الفاظ ۾ انڪار ڪن ٿا. ”وَمِنْ هٰٓؤُلَآءِ“ مان مراد مڪي جا ڪجهه مشرڪ به آهن، جن اسلام قبول ڪيو.

هنن ڪافرن جو قرآن کي ڪتاب الاهي مڃڻ کان انڪار هيو. هو چوندا هئا ته هي ڪتاب پراڻيون قصا ڪهاڻيون آهن، جن کي نيڪ ناڪ ڪري ترتيب ڏئي حضور خاتم النبيين ﷺ پاڻ پيش ڪري رهيو آهي، جنهن جي جواب ۾ حضور خاتم النبيين ﷺ جي نبوت جي ثبوت ۾ اهو ساڳيو استدلال هت پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو سوره يونس: 10 جي آيت 15-16 ۽ 17 ۾ آيو آهي. انهن ٻنهي جاين تي آهي ته جيڪڏهن هنن ڪافرن توکي لکندي پڙهندي ۽ مختلف علوم جي حصول ڪندي ڏٺو هجي ها ته پوءِ چئي سگهيا ٿي ته نوح ۽ ابراهيم عليهما السلام کان وٺي مسيح عليه السلام تائين جا سمورا علمي خزانا تو پڙهي پيش

ڪيا آهن ۽ انهن کي پڙهي رهيو آهين ۽ ڪجهه نوان احڪامات وجهي، انهن کي الله ڏانهن منسوب ڪري رهيو آهين. پر هنن کي معلوم آهي ته تون اُمِّي آهين. لکڻ پڙهڻ نٿو ڄاڻين. يتيم آهين، علم حاصل ڪرڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جي فن کان هن کان اڳ واقف نه آهين. هي ته وحي جي نزول بعد الله تعالىٰ توکي علوم ۽ فنون کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. هڪ اُمّيءَ کان اهڙا پُردليل احڪام حق ۽ سچ تي مبني قانون ڪهڙي طرح بيان ٿي رهيا آهن. اهي وحي هجڻ جو يقيني ثبوت آهن. ڇا ڪو اهڙو اڻ پڙهيل تي سگهي ٿو، جو اهڙي قرآن کي پيش ڪري، جنهن جي هڪ آيت به دنيا جا اديب شاعر دانشور پيش نه ڪري سگهن ته پوءِ هيڏو وڏو ڪتاب اُمّي ڪهڙي طرح ناهي سگهي ٿو. (البقره: 33/2) حقيقت اها آهي ته هي قرآن الله تعالىٰ طرفان روشن آيتن سان نازل ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي. هي قرآن پاڻ لاءِ خود دليل آهي ته هي ڪنهن بني بشر جو ڪم نه آهي، هي الله جل شانه طرفان نازل ڪيو ويو آهي، اها هن جي ڪلام الاهي هجڻ جي خارجي شهادت آهي. باقي هن ڪتاب جي اعجازي داخلي شهادت اها آهي ته دنيا پر جا علم و بصيرت جا صاحب جيڪڏهن هن تي غورو فڪر ڪن ته هنن جي دل اها گواهي ڏيندي ته هي احڪام ۽ قانون نهايت واضح ۽ روشن آهن ۽ هو يقينًا محسوس ڪندا ته قرآن هنن جي دل جي ترجماني ڪئي آهي، بشرطيڪ اهي دل جي سچائيءَ سان مطالعو ڪن ته ڪڏهن به هن ڪتاب ۾ ڪو نقص خامي غلطي نه ملندي. پر هن جو انڪار رڳو اهي نااهل ۽ نامراد ڪندا آهن، جيڪي ضد ۽ عناد سبب پنهنجي پراڻين ريتن رسمن جي اونداهين ۾ رهڻ گهرن ٿا ۽ سندن اکيون ۽ دل جي بصيرت روشن راهن تي اچڻ لاءِ تيار نه آهي. سابقه ڪتب سماوي جا عالم جيڪي وحي الاهي جو علم رکن ٿا ۽ ان جي تحريف ۽ تبديلي کان بچيل آهن، اهي هن قرآن جي تعليم تي نظر وجهن ٿا ته کين اهو وحي الاهي جو تسلسل نظر اچي ٿو.

بئي طرف غور ڪريو ته دنيا جي ڪيترن لکن ڪروڙن ماڻهن جي دل ۾ هي ڪتاب محفوظ آهي. دنيا جو ايڏو وڏو 30 پارن تي مشتمل ڪتاب اکر به اکر، لفظ به لفظ حفاظ ڪرام کي ياد آهي ۽ سمورن وٽ ساڳيو ڪتاب دلين ۾ هڪ جهڙو محفوظ آهي. پوين ڪتابن جي عالمن تي جيڪي توريت انجيل جا احڪام پوري جا پورا

صحيح سلامت سندن دلين تي نقش آهن، اهي جڏهن هن قرآن کي ڏسن ٿا ۽ پڙهن ٿا پروڙن ٿا ته هنن جي دل جي فرحيءَ تي جو ڪجهه لکيل آهي، اهو ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ظالم انسان ئي اهڙن واضح ۽ روشن دليلن جو انڪار ڪندا آهن. قرآن جي حقاني هجڻ لاءِ اڄ به اهي چئليج موجود آهن، جيڪي البقره: 23/2 ۾ ۽ ٻين آيتن ۾ موجود آهن، حوالي لاءِ ڏسو تفسير آيت البقره: 23/2. اهي ڪافر قرآني آيتن ۽ ان جي اصلاحي، فلاحي پيغام کي پڙهڻ سمجهڻ کان سواءِ مخالفت برائي مخالفت جي بنياد تي بدستور اهو ساڳيو اعتراض وري وري ڪن ٿا ته جيڪڏهن حامل قرآن حضور خاتم النبيين ﷺ سچو رسول آهي ته پوءِ پنهنجي نبوت جي ثبوت لاءِ حسي معجزو پيش ڪري، جنهن کي ڏسي ماڻهو هن ڪتاب ۽ هن رسول تي ايمان آڻڻ جو سوچين. هنن کي چئو ته منهنجي الله ذوالجلال وٽ معجزن جي ڪا ڪمي ناهي، ڪائنات جو ذرو ذرو معجزو آهي. هي قرآن خود وڏو معجزو آهي، هن قرآن هوندي ڪنهن ٻئي معجزي جي ضرورت نه آهي. هي دستور حيات آهي ۽ تمام آسماني ڪتابن جي تعليم جو محافظ آهي. مان ان ساڳي تعليم جي تبليغ ڪري رهيو آهيان، ڪو نئون فلسفو يا هدايت نامو نه آهي.

یتیمی کہ نا کردہ قرآن درست
کتبخانۂ چند ملت بشست

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

اهو در يتيم جنهن تي اڃان پورو قرآن نازل نه ٿيو هيو، ته ڪيترن ئي دينن جا ڪتب خانه ٿوڙي ختم ڪري ڇڏيا.

وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صورت ہادی
عرب کی زمیں جس نے ساری ہلادی
اتر کر حرا سے سوئے قوم آیا
اور اک نسخہ کیمیا ساتھ لایا

(مسدس حالي)

باقي اوهان جن نشانين ۽ صريح حسي معجزن جي گهر ڪري رهيا آهيو ته اهو منهنجي الله جي قدرت ۾ آهي ته ڪڏهن ۽ ڪهڙا معجزا ظاهر ڪري. هن ته قرآن جهڙو هيءُ بي مثل ۽ بي بدل معجزو اوهان کي منهنجي وساطت سان ڏنو آهي. وڌيڪ معجزا ڏيڻ ان جي اختيار ۾ آهي، مان ته توهان کي بدعملن جي هولناڪ نتيجن کان خبردار ڪرڻ وارو آهيان. جيڪڏهن هي ماڻهو حق شناسيءَ جي نيت ۽ ارادي سان غور ڪن ته خدا جي سڀ کان وڏي آيت ۽ نشاني (معجزو) خود ڪلام الله آهي، جيڪو هنن جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ نازل ڪيو ويو آهي، جيڪو انهيءَ دعوىٰ ۾ ته ”ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ“ (البقره: 2/2) خود حجت ۽ برهان قاطعه آهي. جنهن ۾ پوين ڪتابن جي هدايت ۽ رهنمائي وارو پيغام موجود آهي، يعني هي انهن سڀني آسماني ڪتابن جي سچي هجڻ جي تصديق ۽ تائيد به ڪري ٿو، انهن جي تعليم جو محافظ به آهي ۽ الله پاران نوع انسان لاءِ رهندي دنيا تائين تڪميلِ احڪام ۽ قانون جو حرف آخر به آهي. هن ڪتاب جو حامل به آخري نبي ۽ رسول آهي، ان ڪري هن بعد نه ڪو ٻيو رسول اچڻو آهي ۽ نه وري ڪو نئون ڪتاب نازل ٿيڻو آهي. نبوت، رسالت ۽ وحي الاهي جي اختتام جي مهر لڳي چڪي آهي، ان ڪري اوهان جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ هي ڪتاب مون (رسول خدا خاتم النبيين ﷺ) تي نازل ٿيو آهي، جيڪو اوهان کي پڙهي ٻڌايو ٿو وڃي. يقينًا هي ڪتاب هن ڪائنات ۽ نوع انسان لاءِ عظيم رحمت به آهي ۽ نصيحت ۽ ياددهاني به آهي. جيڪي ماڻهو هن ڪتاب جي سچائي تسليم ڪن ٿا ۽ ان تي دل جي صداقتن سان ايمان آڻي، عمل پيرا ٿين ٿا، جيڪڏهن اوهان قرآن جي نزول کي الله طرفان وڏو معجزو سمجهي توهان ان تي ايمان نٿا آڻيو ته پوءِ ڪهڙو يقين آهي ته اوهان ٻئي معجزي تي ايمان آڻيندا. موسىٰ ۽ عيسىٰ عليهما السلام جي قومن تي سندن گهر مطابق معجزا به آيا هئا، پر انهن ان کي قبول نه ڪيو، اوهان به ائين ڪرڻ وارا ڏسجو ٿا. هي قرآن الله جل شانه جو اهڙو عظيم معجزو آهي، جو ڪافر ۽ مخالف چئلينج باوجود هن جي هڪ آيت جهڙي به اڄ تائين ڪا هڪڙي شيءِ پيش ڪري نه سگهيا آهن. (البقره: 23/2، الانعام: 136/6)

هنن کي چئو ته هن ڳالهه جي تصديق لاءِ ته مان الله تعالىٰ جو نبي ۽ رسول آهيان ۽ هي ڪتاب جيڪو مون تي نازل ٿيو آهي، يقينًا اهو الله تعالىٰ طرفان نازل ٿيو آهي،

ان جي گواهي لاءِ الله عزو جل ئي ڪافي آهي. هي شاهدي ڪنهن انسان جي نہ آهي، جو ان تي شڪ ڪري سگهجي، پر هن جو گواهہ اهو رب ذوالجلال آهي، جنهن جي آسمان ۽ زمين تي حڪمراني آهي، جنهن کي آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهہ ٿئي ٿو، ان جو پورو پورو علم آهي، جيڪي اهڙي ڪائنات جي خالق مالڪ رازق رحيم رب تي ايمان نٿا آڻين، جنهن جي گواهي ڪائنات عالم جو ذرو ذرو ڏئي رهيو آهي.

هر گیاہے کہ از زمیں روید
وحدہ لا شریک لہ گوید

زمين مان جو ڪجهہ سلو نڪري ٿو، اهو توحيد جا گيت ڳائيندو چوي ٿو تہ الله هيڪڙو آهي.

ڪڪ پن تند تنوار، وڻ ٽن وائي هيڪڙي
سيئي شيون ٿيون سوري سزاوار
همہ منصور هزار ڪهي ڪهندا ڪيترا

•••

يڪ قصر در، لک ڪوڙئين ڪٽس ڳڙڪيون
جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون

•••

وحدت تان ڪثرت ٿي ڪثرت وحد ڪل
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻيءَ ۾ پل
هي هلاچو حل بالله سنڌو سهڻين

(شاهہ لطيف رحمۃ اللہ علیہ)

هنن تمام اشياءِ عالم جي مثبت شهادت باوجود جيڪڏهن ڪنهن چمگادڙ کي سج جو نور ۽ روشني نظر نٿي اچي ۽ حق جي راهہ ڇڏي باطل تي روان دوان آهن ۽ الله

جل شانه جا انڪاري آهن، اهڙا ماڻهو وڏي خساري ۾ آهن. هي ڪافر تنهنجي نصيحت ۽ قرآن جي هدايت تي ايمان آڻڻ بدران پنهنجي ڪفر جي روش ۽ ريتن تي فخر ڪري رهيا آهن ۽ اي نبي محترم خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ! هي چون ٿا ته اسان تنهنجي تعليم ۽ دعوت کي يڪسر رد ڪيون ٿا، جنهن لاءِ تون چوين ٿو ته اسان تي ۽ اسان جي هنن ڪرتوتن سبب عذاب ايندو ته تنهنجي هن قول صادق تي ٺٺولي ڪندي توکي جلدي عذاب آڻڻ جي گهر ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته تنهنجو ٻڌايل عذاب ڪٿي رهجي ويو ۽ ان جي اچڻ ۾ دير ڇو ٿي رهي آهي. جيڪڏهن سنت الاهي مطابق عذاب بابت اڳ ئي فيصلو طئي ٿيل نه هجي ها ته اوهان جيئن ڪو بدعمل ڪيو ها ته عذاب اچي وڃي ها. پر سنت الاهي ۽ قانون مڪافات موجب گناهه سان گڏ عذاب نه ايندو، پر ڪجهه وقت سڌرڻ ۽ حجت پوري ڪرڻ لاءِ مهلت جو وقت هوندو. اتمام حجت ۽ وقت مهلت جي پوري ٿيڻ بعد مڪافات عمل شروع ٿي وڃي ٿو ۽ اهو اهڙو ته اچانڪ زوردار طريقي سان ڪڙڪي پوي ٿو، جو هنن کي ان جو شعور به نٿو رهي. سندن عقل، هوش ۽ حواس اهو اندازو ئي لڳائي نه سگهندا ته اک ڇنڀ ۾ ايڏو عذاب ڪيئن اچي ويو. برابر هي عذاب جي جلدي اچڻ لاءِ شعور مچائي رهيا آهن ۽ هن مهلت واري وقت کي نبي اڪرم خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي آگاهيءَ کي ڪوڙا دڙڪا، دهمان، ڪوڙيون دعوائون ۽ ڌمڪيون سڏي رهيا آهن. هو ڀلي ان کي ڌمڪي سڏين، پر اهو عذاب هنن کي گهيري وٺڻ لاءِ موجود آهي ۽ هو ان جي حدن کان ٻاهر به نه آهن ۽ نه وري ان جي رسائيءَ کان لڪل آهن. (عبس: 36/80، الانفطار: 16/82، النازعات: 36/79) اهو عذاب هنن جي اعمال موجب هوندو ۽ ان جي وقوع پذير ٿيڻ سان نتيجا نڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن. فرق رڳو اهو آهي ته اهو عذاب هن وقت انهن جي اکين (ڏسڻ) کان لڪل آهي ۽ اهو وقت مقرره تي رونما ٿيندو ۽ هنن لاءِ عذاب جي صورت اختيار ڪندو. هن دنيا ۾ به ته آخرت ۾ ان عذاب جو مزو چکيندا رهندا.

حيرت جي اها ڳالهه آهي ته غير مرئي عذاب واري جهنم ۾ موجود هوندي عذاب جي گهر ڪري رهيا آهن. ڇا اهو نٿا سمجهن ته هي ڪجهه ڪري رهيا آهن، پنهنجي لاءِ عذاب کي دعوت ڏئي رهيا آهن. هو پنهنجي اعمال کان پوري طرح آگاهه آهن ۽ ڪين تاريخ جا ورق ٻڌائي رهيا آهن ته اهي بدعمل ڪرڻ سبب دوزخ جي ٻاهه لاءِ

ڪانئيون ۽ پيٽرول گڏ ڪرڻ آهي، جيڪو وقت مقرر تي اچي انهن کي جهنم داخل ڪندو. هو اهڙي نتيجي کان بي خبر نہ آهن، پر انهن جي انڌي تقليد هيٺ ان عذاب کي عذاب نہ سمجهندي ان جي گهر ڪري رهيا آهن، جيڪو هنن کي گهيري ۾ آڻي چڪو آهي، بس وقت جو انتظار آهي. جڏهن اهو عذاب جيڪو هنن جي چوڌاري گهيرو تنگ ڪري رهيو آهي ۽ اجان مستور ۽ غير مرئي آهي، جڏهن محسوس صورت ۾ آڏو ايندو ۽ هنن کي هينان مٿان پيرن سر جي چوٽيءَ تائين ظاهر طور گهيري وٺندو (الانعام: 65/6) ان وقت الله ذوالجلال چوندو تہ هي ڪنهن ٻئي جي طرف کان عذاب نہ آيو آهي. هي عذاب توهان جي اعمال جي مرئي ظاهري شڪل آهي، جنهن اوهان کي گهيري ورتو آهي، اهو اوهان جي دنيا واري زندگي روز مره جو مشغلو هيو. يعني اهي گناهہ ان عذاب جا پيڪر هئا، جيڪي ان وقت گناهہ تي لڳا، پر انهن جي عذاب وارو حصو مستور هيو، هاڻي توهان جا اهي اعمال ظاهر عذاب جي صورت ۾ توهان کي هينان، مٿان پيرن کان مٿي تائين وڪوڙي رهيا آهن.

معلوم ٿيو تہ هر گناهہ هڪ غير مرئي عذاب آهي، جيڪو زندگي پر جي بي شمار گناهن ۾ هڪ وڏي عذاب جي صورت ۾ تيار ٿي رهيو آهي ۽ هن دنيا ۾ بہ ان عذاب جون جهلڪيون نظر ايندئون تہ آخرت ۾ بلڪل نمايان ٿي پوندو. هن آيت ۾ مؤمنن کي "يَاعِبَادِيَ" يعني "عباد الرحمان" چئي الله تعالىٰ جي نهايت شفقت محبت ۽ پيار واري انداز ۾ چيو ٿو وڃي تہ اي منهنجا (پيارا) ٻانهؤ! جيڪڏهن مون تي ايمان آڻڻ بعد مڪي جي زمين ڪافرن جي ظلم ۽ زيادتي ڪري اوهان تي تنگ ٿي چڪي آهي تہ منهنجي طرفان اوهان لاءِ ڪشاده زمين موجود آهي، توهان في الحال هن شهر کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي هنڌ هليا وڃو، گويا مڪي جي زندگيءَ ۾ ڪين هجرت لاءِ رهنمائي ڪئي ٿي وڃي، جنهن سبب ڪجهہ اصحاب سڳورا حبشہ هجرت ڪري ويا ۽ آخرڪار سرڪار دوجهان کي صحابہ ڪرام سان گڏ مدينہ منوره طرف هجرت جو حڪم آيو. مڪي جي زندگيءَ ۾ مؤمنن سان براه راست گهٽ خطاب آهي "يَآ اَيُّهَا النَّاسُ" چئي خطاب ڪيو ويو آهي. مدينہ ۾ "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" چئي خطاب ڪيو ويو آهي، پر هت مڪي زندگي ۾ ئي مظلوم مسلمانن کي "يَاعِبَادِيَ" چئي يعني اي منهنجي حڪمن تي هلندڙ عباد!

رڳو اهڙين ناگزير حالتن لاءِ هيو جڏهن مؤمن ان سرزمين تي نہ پاڻ الله تعالىٰ جي برملا عبادت ڪري سگهن ۽ نہ وري ٻين کي دين جي دعوت ڏئي سگهن. جتي هنن مٿان عذاب، اذيتون مصيبتون ٽي رهيون هجن ۽ حياتيءَ جو خطرو بہ لاحق ٿي وڃي تہ پوءِ ان شهر، گهر، مال متاع عزيز اقارب کي ڇڏي، هتين خالي وڃڻو پوي تہ اهڙي هنڌ هليا وڃو، جتي آزاديءَ سان پاڻ بہ عبادت ڪري سگهو ۽ ٻين کي بہ دين جي دعوت ڏيڻ ۾ آزاد هجو. هجرت رڳو اهڙين ڳنڀير ۽ جان ليوا حالتن ۾ ان ڪري ڪبي تہ ان هنڌ دين اسلام لاءِ ڪم ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ۽ ٻئي هنڌ بہ انهيءَ دين اسلام جي تبليغ ۽ دعوت جو عزم مُصمَّم هجي. مال، دولت، ذاتي يا دنياوي فائدن جي لڏ پلاڻ اها هجرت ناهي، جنهن کي اسلام هجرت في سبيل الله چوي ٿو. هن آيت ۾ مؤمنن کي چوٿين هدايت ڏني ٿي وڃي. هن کان اڳ آيت 45 ۾ هڪ هدايت آيت 46 ۾ ٻي هدايت آيت 56 ۾ ٽين هدايت ۽ آيت 57 ۾ چوٿين هدايت ڏني ٿي وڃي تہ راهہ حق ۾ ڪم ڪرڻ سان موت جو خطرو هجي تہ ان کان ڊڄي لڪي نہ وڃو. موت تہ هر حال ۾ اچڻو آهي. ”وَلَوۡ كُنۡتُمۡ فِىۡ بُرُوۡجٍ مُّشَيَّدَةٍ“ يلي اوهان جهاد تي هجو، يا گهر ۾ هجو، موت جڏهن اچڻو هوندو ان وقت اچي ويندو. ان ڪري موت کان ڊڄي، دين حق جي تبليغ ۽ اشاعت کي ڇڏي نہ ڏيو. ڪيترا مجاهد عمر ڀر جهاد ڪندا رهيا آهن، پر غازي ٿي واپس آيا آهن ۽ ڪيترا ماڻهو گهرن ۽ شهرن ۾ هوندي بہ پاڻ کي موت کان بچائي نہ سگهيا آهن. هن دنيا ۾ نہ ڪوئي هميشہ رهيو آهي ۽ نہ وري آئنده ڪو هميشہ رهندو. زندگي الله تعالىٰ جي امانت آهي، جيڪڏهن اها الله تعالىٰ جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪندي شهادت ماڻي ٿي تہ اهڙو موت هزار زندگين کان بهتر آهي.

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا

هڪ ڏينهن موت ضرور ايندو ۽ هن دنيا کي ڇڏي اڳئين دنيا ۾ قدم رکبو. هي دنيا عمل جي دنيا آهي. ”اَلدُّنۡيَا مَزۡرَعَةُ الۡاٰخِرَةِ“ دنيا آخرت جي لاءِ هڪ پوک آهي، جنهن جي لاباري ٿيڻ کان پوءِ آخرت جي زندگيءَ ۾ جيڪا نتائج جي زندگي آهي، بارگاهہ

الاهي ۾ رب العالمين جي حضور پيش ٿي نتيجا وصول ڪرڻا آهن ۽ ان موجب انعام اڪرام ۽ عذاب مان پنهنجي عملن جو نتيجو وٺڻو آهي.

وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ
تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ۖ﴿۵۸﴾ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَ عَلٰى
رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ كَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖۗ اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا
وَ اِيَّاكُمْ ۖ ۚ وَ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۶۰﴾ وَ لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ
وَ الْاَرْضَ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۚ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿۶۱﴾ اَللّٰهُ
يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَ يَقْدِرُ لَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ
عَلِيْمٌ ﴿۶۲﴾ وَ لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ
مِنْۢ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ
لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۶۳﴾ ع ٦

۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪندا رهيا، انهن کي اسان بهشت جي بالاخانن (اوچن محلن) ۾ جڳهه ڏينداسون، جن جي هيٺان دامن ۾ نهرون وهنديون هونديون، هو هميشه ان ۾ رهندا، نيڪوڪارن جي نيڪ عمل جو هي سٺو بدلو آهي. (58) جيڪي صبر ڪن ٿا ۽ پنهنجي پروردگار تي پروسو رکن ٿا. (59) ڪيترائي جاندار آهن، جيڪي پنهنجو رزق پاڻ سان ګڏ کڻي نٿا هلن، انهن کي الله ئي رزق ڏئي ٿو ۽ توهان کي به، هو ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو

آهي. (60) ۽ جيڪڏهن هنن کان پڇو ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ۽ ڪنهن سج ۽ چنڊ کي مسخر ڪيو آهي ته هو ضرور چوندا ته الله، ته پوءِ هو ڪيڏانهن ڀٽڪي رهيا آهن. (61) الله جو قانونِ مشيت جنهن کي مناسب سمجهي ٿو ته ان جو رزق وڌائي ٿو ۽ جنهن کي مناسب نٿو سمجهي، ان جو رزق گهٽائي ٿو. بيشڪ الله هر شيءِ جي ڄاڻ وارو آهي. (62) ۽ جيڪڏهن تون هنن کان پڇندين ته آسمان طرفان ڪنهن مينهن وسايو آهي، جنهن سان (غير آباد) زمين کي آباد ڪري ڇڏيو ته هو ضرور چوندا ته اهو الله آهي. تون هنن کي چئو ته پوءِ ڪل حمد ۽ ڪل شڪر الله لاءِ خاص آهن، پر انهن مان اڪثر ماڻهو اها سمجهه ٻوجهه نٿا رکن(63)

---

هن کان اڳ آيت 56 ۾ ”يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا“ چئي مؤمنن کي تسلي به ڏني وئي آهي ۽ سندن همت افزائي به ڪئي وئي آهي، جيڪڏهن اوهان تي توهان جا بستيءَ وارا حيات تنگ ڪري ڇڏين ته اوهان پنهنجو گهر، مال، ملڪيت ۽ شهر ڇڏي ٻئي پاسي وڃو. اتي الله اوهان کي ان کان وڌيڪ شاد آباد ڪندو. الله جي زمين وسيع آهي. انهيءَ ساڳئي مضمون کي وڌائيندي هت چيو ويو آهي ته اوهان ماڻهن مان جيڪي مون الله تي ايمان آڻي چڪا آهن ۽ ان ايمان جي تصديق لاءِ عمل صالح ڪري رهيا آهن ته انهن کي اسان ضرور اهڙن باغن ۾ محلاتن اندر رهائش ڏينداسون، جن باغن جي دامن ۾ نهرون وهي رهيون هونديون (الفرقان: 75/25) ۽ هو انهن بالا خانن ۾ سڪون ۽ آرام جي زندگي گذاريندا، ڪين نه موت جو ڊپ هوندو نه اڳتي وڌيڪ ڪنهن حساب جو اونو، حزن ۽ غم هوندو. اها ته آهي اخروي زندگيءَ جي خوشخبري، پر هن دنيا ۾ به اهڙن مؤمنن سان الله عزو جل جو اهڙو ساٿ هوندو، جو هنن کي الله جي دين لاءِ قربانين بعد ڪين ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ٿيندي ۽ هو باغن جي پرسڪون فضا ۾ خوشگوار ۽ سدا بهار زندگي گذاري رهيا هوندا ۽ جيستائين جو الله سان رابطو ۽ الله تعالىٰ پاران هنن تي رضامندو رهندو، اهي نعمتون جاري و ساري رهنديون. ڏسو الله تعالىٰ نيڪوڪارن لاءِ ڪهڙو نه

سٺو اجر رکيو آهي. سيدنا حضرت علي ڪرم الله وجهه کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: "اِنَّ فِي الْجَنَّةِ لَغُرَفًا تُرٰى ظُهُوْرِهَا مِنْ بُطُوْنِهَا وَبُطُوْنُهَا مِنْ ظُهُوْرِهَا" يعني جنت جي انهن محلاتن جون ديوارون شيشي وانگر اهڙيون تہ شفاف هونديون، جو اندر وارا ٻاهر وارن ۽ ٻاهر وارا اندر وارن کي ڏسي سگهندا. هڪ اعرابي جڏهن اهو ٻڌو تہ اٿي بيهي ادب سان عرض ڪيائين تہ اي رسول حق خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم! اهڙا محل ڪنهن کي ملندا؟ حضور خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ "لِمَنْ اَطَابَ الْكَلَامَ وَاَطْعَمَ الطَّعَامَ وَاَدَامَ الصِّيَامَ وَصَلّٰى لِلّٰهِ بِاللَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَامٌ" اهو ان لاءِ آهي، جن جي گفتگو پاڪيزه هوندي، جيڪي ماڻهن کي کاڌو کارائين ٿا، جيڪي هميشہ روزا رکن ٿا ۽ اڌ رات ۾ سجاڳ ٿي جڏهن ماڻهو ننڊ ۾ هوندا آهن تہ هو الله جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي نماز پڙهن ٿا. (ضياءُ القرآن) خدا تعالیٰ جون اهي نعمتون ۽ نوازشون انهن خوشبخت انسانن لاءِ آهن، جن دين حق جي راهہ ۾ تڪليفون برداشت ڪيون آهن، هجرت جا ڪشالا ڪاٽيا آهن، پنهنجي وطن، رشتيدار، دوستن، مال ملڪيت ۽ زمين کي الوداع چئي، الله جي حڪمن جي تابعداري ڪئي آهي. هو دين ۽ دنيا جي هر معاملي ۾ الله تي توڪل رکن ٿا. "وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ" (الطلاق: 3/65) جنهن الله جل شانہ تي توڪل ڪيو تہ ان لاءِ الله تعالیٰ جو ساٿ ۽ حمايت ڪافي آهي. اهڙا خدا تعالیٰ جا سچا ٻانها دل ۾ اهو خيال بہ نٿا آڻين تہ هجرت بعد ڪٿي رهنداسون، ڪٿان ڪائينداسون، انهن جو پڪو ايمان ۽ يقين آهي تہ الله تعالیٰ ڪين نامراد ۽ ناڪام نہ ڇڏيندو، پر اهي سڀ شيون اڳئين کان بہ اڳريون ملنديون.

جنين هر نہ ٻج تنين تنهنجو آسرو
پوءِ اپارين سڃ اول ڏين ان کي

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

ای کریمی کہ از خزانۂ غیب
گبر و ترسا وظیفہ خور داری
دوستان را کجا کنی محروم
توکہ بادشمنان نظر داری

(گلستان: شيخ سعدي رحمة الله عليه)

اي منهنجا ڪريم رب! جڏهن تون پنهنجي غيبي خزاني مان آتش پرست، مشرڪن کي بہ روزي رسائين ٿو، جڏهن تون دشمن جي بہ سار سنڀال لهين ٿو تہ پوءِ پنهنجن دوستن کي محروم ڪيئن ڇڏيندين؟

هي اهي نيڪ بخت ماڻهو آهن، جن سڌي رستي جو انتخاب ڪيو ۽ ان تي هلڻ لڳا ۽ ٻين کي بہ پاڻ ڏانهن سڏي ان سڌي رستي تي هلڻ جي دعوت ڏني تہ ائين ٿي ويو چڻ ڪکر ۾ ڪڙو لڳو. هنن جي خير خواهي، همدردي ۽ اصلاح لاءِ ڪيل سڀ ڪوششن جي بدلي ۾ ڪين ڪافرن ۽ مشرڪن ڪان اذيتون ئي اذيتون مليون ۽ ڪين مجبور ڪيو ويو تہ هو دين حق کي ڇڏي، هنن ڪافرن جي راهہ روش اختيار ڪن، مگر هنن هر مصيبت جو استقامت ۽ صبر سان مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي پڪي پختي عقيدي ڪان ٿورڙو بہ نہ هٽيا ۽ هر حال ۾ الله تبارڪ و تعالىٰ تي توڪل ڪندا رهيا. اوهان کي هن ظلم ۽ استبداد جي ڪري جيڪڏهن پنهنجو شهر ڇڏڻو پوي ۽ ٻئي ملڪ وڃڻو پوي تہ اتي ڪاڏي پيٽي جو ڇا ٿيندو، اوهان کي اهڙو انديشو ڪرڻ نہ گهرجي، رزق الله جي عطا آهي، جيڪو هن جي ربوبيت ۽ رحمت جو اظهار آهي. روز اڪين سان ڏسو ٿا تہ ڪيترا جاندار آهن (العنڪبوت: 17/24) جيڪي پنهنجي روزي پاڻ سان گڏ ڪنيو نٿا رکن. انهن کي الله روزي ڏيندو آهي ۽ توهان کي بہ اهو ئي ڏيندو. (الانعام: 152/6، (هود: 6/11) حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم خاتم النبيين صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم جو فرمان ارشاد آهي تہ جيڪڏهن توهان الله تي اهڙيءَ طرح توڪل رکندا، جهڙيءَ طرح الله تي توڪل رکڻ جو حق آهي تہ اوهان کي اهڙيءَ طرح رزق ڏنو ويندو، جهڙيءَ طرح پکين کي ڏنو وڃي ٿو. هو صبح جو پنهنجي آکيري مان خالي پيٽ نڪرن ٿا ۽ شام تائين پنهنجو پيٽ ڀري واپس اچن ٿا، مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ هو پنهنجو پيٽ ڀرڻ بعد پنهنجن ٻچن لاءِ بہ خوراڪ کڻي اچن ٿا. الله تعالىٰ هر هڪ جي ضرورت کان واقف ۽ هر هڪ جي فرياد ۽ دعا ٻڌي ٿو. توڪل جو ايمان سان لازم ملزم وارو معاملو آهي، جنهن ماڻهوءَ جو الله تعالىٰ تي جيتري قدر پختو ايمان هوندو، اوتري قدر توڪل بہ مضبوط هوندو پر جيتري قدر ايمان ڪمزور هوندو تہ اوتري قدر توڪل بہ ڪمزور هوندو.

اي نبي محترم خاتم النبيين صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم! تون هنن کان معلوم ڪر تہ آسمانن ۽ زمين کي

ڪنهن پيدا ڪيو آهي ۽ ڪڪر، سج ۽ چنڊ ڪنهن مسخر ڪيا آهن تہ هو اهو چوندا تہ الله تعاليٰ پيدا ڪيا آهي. هتان ظاهر ٿيو تہ هو ڪائنات ۾ قدرت جي قانون فطرت کي تہ تسليم ڪن ٿا، پر انسانن جي قانونِ فطرت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. يقيناً انسانن لاءِ وحيءَ جي ذريعي راهہ مقرر ڪيل آهي، توهان کي ان راهہ کي ضرور مڃڻو پوندو. (الانبياءِ: 21/20-19، المؤمن: 88/23 کان 98، لقمان: 31/ 25، الزمر: 38/39، الزخرف: 9/43) هت پهريان ڪافرن کان توحيد جو اقرار ڪرايو ٿو وڃي، جڏهن هنن کان زمين آسمان جي پيدا ڪندڙ سج چنڊ کي مسخر ڪندڙ بابت پڇجي ٿو تہ اهو ڪير آهي، چون ٿا اهو الله آهي. ٻئي طرف هو پنهنجن بتن کي بہ معبود جو درجو ڏين ٿا. هي ڪيڏو نہ وڏو تضاد آهي. جو هو بي حس، بي ڪس، بي جان بوتن کي جيڪي پنهنجي بدن تان مک بہ اڏاري نٿا سگهن، انهن کي هڪ غالب طاقت ور الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ آڻين ٿا. ڏسو هو ڪهڙي طرح گمراهيءَ ۾ ڀٽڪي رهيا آهن.

ياد رکو تہ اوهان ڏٺو تہ خارجي دنيا جو سمورو ڪنٽرول الله تعاليٰ وٽ آهي، جنهن الله عزو جل جي آسمانن، زمين ۽ سج چنڊ تي حڪمراني آهي. حيرت جي اها ڳالهہ آهي جو هن يگاني حڪمران جي مقابلي ۾ پنهنجن بتن کي سمجهن ٿا جيڪي بي بس ۽ بي جان آهن. انساني دنيا ۾ بہ رزق جي تنگي ڪشادگي لاءِ الله تعاليٰ جو قانون مقرر آهي. جيڪا قوم رزق جي فراواني گهري، ان کي الله تعاليٰ جي ان قانون جو پابند ٿيڻو پوندو ۽ جيڪو ان قانون کي ڇڏي ڏئي تہ ان جو رزق تنگ تي ويندو. الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو. هي پورو نظام ان جي حڪمت ۽ قدرت سان هلي ٿو. هي ڪائنات ائين انڌا ڌنڌ تي نہ هلي رهي آهي، پر هڪ مربوط ۽ مضبوط نظام ڪارفرما آهي، جو هن پوري ڪائنات، سماوي ارضي مخلوقات کي بنا ڪنهن نقص ۽ عيب جي هلائي رهيو آهي. اهو هڪ عليم، خبير الله باري تعاليٰ جي دست قدرت ۾ آهي. مثال طور توهان هنن کان پڇو تہ سمنڊ دريائن جي ٻاف مان بادل، انهن هوائن جي ذريعي ڌرتيءَ تي پکيڙ ۽ مينهن ڪير وسائي ٿو، جنهن سان هڪ مرده غير آباد زمين کي زندهہ ڪري ٿو، يعني ان جي ويرانيءَ کي آباديءَ جي رونق بخشي ٿو تہ ان جي جواب ۾ بہ هو اهو ئي چوندا تہ اهو الله تعاليٰ جي قدرت جو ڪرشمو آهي ۽ اهڙي خوبيءَ سان ڪري ٿو، جو هر هڪ جي زبان تي الحمدلله جو ورد جاري آهي. تون هنن کي چئو تہ اوهان ان حقيقت جا

معترف ۽ اقراري آهيو تہ جتي جتي الله عزو جل جو قانون ڪار فرما آهي، اتي اتي هن
هڪ الله جي حمد و ثنا ۽ ستائش جا آواز بلند ٿين ٿا تہ پوءِ اوهان پنهنجو خودساختہ ناقص
نظام ڇڏي، معاشري ۾ هي ڪامل ۽ مڪمل قانون ڇو نٿا رائج ڪريو. پر جڏهن هنن تي
پنهنجن جذبن ۽ رشتن رواجن ۽ رسمن جو ڀوت غالب ٿيندو تہ سندن سوچ جي مثبت
صلاحيت ختم ٿي ويندي، جنهن ڪري هنن جا اڪثر ماڻهو ان حقيقت کان ناواقف آهن.

وَ مَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّ لَعِبٌ ۭ وَ اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ
الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٤﴾ فَاِذَا رَكِبُوْا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ وقف لازم
لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٥﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ
اٰتَيْنٰهُمْ ۚ وَ لِيَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٦﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا
اٰمِنًا وَّ يُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ۭ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَ بِنِعْمَةِ
اللّٰهِ يَكْفُرُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ
بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ۭ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَ الَّذِيْنَ
جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ۭ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٦٩﴾ ع ركوع ٧ / ٣

هن دنيا جي زندگي تہ بس رڳو کيل تماشو آهي، پر هميشہ زندگيءَ جو مقام
آخرت جو گهر آهي، ڪاش تہ انهن کي اها حقيقت معلوم هجي ها. (64) ۽
جڏهن هو ٻيڙي ۾ سوار ٿين ٿا تہ پوءِ الله کي پڪارين ٿا ۽ خاص انهيءَ جي
ئي عبادت ڪن ٿا، پر جڏهن هو ان کان نجات ڏئي ڪناري پيڙو ڪري ٿو تہ
جهٽ ۾ شرڪ ڪرڻ لڳندا آهن. (65) تہ ڪيئن اسان جيڪو ڪجهہ انهن کي

عطا ڪيو آهي، ان جي ناشڪري ڪن ۽ فائدو حاصل ڪندا رهن. عنقريب هنن کي معلوم ٿي ويندو.(66) ڇا هنن نہ ڏٺو آهي تہ اسان حرم کي امن جو هنڌ بڻايو آهي، ليڪن هن جي آس پاس کان ماڻهو جهليا وڃن ٿا تہ ڇا هي ماڻهو باطل تي ايمان رکن ٿا ۽ الله جي نعمتن جي ناشڪري ڪري رهيا آهن. (67) ڀلا ان کان وڌو ظالم ڪير هوندو، جنهن الله تي ڪوڙو بهتان هنيو يا جڏهن جڏهن هنن ڏانهن حق آيو تہ ان کي هنن ڪوڙو قرار ڏنو تہ ڇا اهڙن ڪافرن جو ٺڪاڻو جهنم نہ هوندو.(68) ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي راهہ ۾ جدوجهد ڪندا تہ ضرور بالضرور اسان هنن جي رهنمائي ڪنداسون، پنهنجي طرف اچڻ وارن رستن جي (هلڻ لاءِ) بيشڪ الله تعالیٰ احسان ڪندڙن سان گڏ آهي. (ساٿي آهي). (69)

جيڪڏهن هي ماڻهو سنجيدگيءَ سان غور و فڪر ڪن ۽ عقل و شعور کان ڪم وٺن تہ هنن تي اهو راز عيان ٿي ويندو تہ زندگي رڳو ساهہ کڻڻ يعني اندر ٻاهر ڪرڻ جو نالو ناهي، کاڌو پيتو، موج مستي ڪئي بس، اهو تہ جانور جي سطح جو مقام آهي. اهڙي زندگيءَ جو ساهہ نڪرڻ سان خاتمو ٿي ويندو. زندگي کيل تماشو ناهي ۽ اها جانورن واري حيواني زندگي آهي. اصل زندگي اها آهي، جيڪا انساني سطح جي هجي. اهڙي زندگيءَ جو موت بعد خاتمو نہ ٿيندو آهي ۽ اها مرڻ بعد بہ جاري رهندي. خاتمو ڇڙو حيواني زندگيءَ جو ٿيندو، انسان جي خلقت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ تمام جاندارن وانگر حيواني زندگي حاصل ڪرڻ مان مراد اها انساني سطح جي زندگي آهي، جيڪا ظاهري روپ بدلي، نئين لباس ۾ رونق افروز ٿئي ٿي، دنيا جي زندگي ان ڊرامي مثال آهي، جنهن جا ڪردار بادشاهہ، وڪيل، جج جي صورت ۾ ڊرامي ۾ ڏسون ٿا. اهي اصلي بادشاهہ وڪيل جج نہ آهن، پر انهن جو عارضي ٻوتو آهن. سو هن دنيا جي زندگي ۾ ان ڊرامي واري زندگي وانگر آهي. اصل سچن ڪردارن واري زندگي انساني سطح جي زندگي آهي. هي ڪافر ماڻهو دنياوي زندگي جي چمڪ ڌمڪ، زيب زينت، عيش

عشرت تي موهجي، اصل زندگيءَ کان محروم ٿي وڃن ٿا، جڏهن انساني زندگيءَ جو مقصد حيواني زندگيءَ وانگر رڳو جسم جي پرورش ۽ حفاظت ٿي وڃي ته ان جي آڏو ڪنهن بلند مقصد يا ذات جي تعمير جو خيال به پيدا نه ٿيندو ۽ هن جو رابطو ۽ رشتو الله ذوالجلال کان ڪٽجي ويندو. پر جيڪڏهن ڪا مصيبت پيش اچي ته خالق حقيقي ياد اچي ٿو، ان وقت جعلي معبود ۽ بت وسري وڃن ٿا، پر جڏهن الله تعالىٰ ان مصيبت کان نجات ڏئي ٿو ته پوءِ وري ان کي وساري ڇڏين ٿا. هن جو مثال هن طرح سمجهو ته سمنڊ يا دريا ۾ هلندڙ ڪشتي آهي ۽ ماڻهو ان ۾ سوار آهن ته اوچتو سخت طوفان اچي وڃي ۽ ٻيڙي ٻڏڻ جو واضح خطرو ٿي وڃي ته ان وقت اهي ڪافر الله کي نهايت عجز و نيزاري سان ٻاڏائيندا آهن. ان وقت هنن کان پنهنجا بت ۽ مورتيون وسري ويندا آهن ۽ بظاهر ائين محسوس ٿيندو آهي ته هو عبادت گذار ٻانها آهن، پر جڏهن طوفان ٽري ويندو آهي ۽ هنن کي نجات ملي ويندي آهي ته پوءِ هو الله تعالىٰ سان ٻين کي به شريڪ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان نعمت جي ناشڪري ڪندا آهن، جيڪا اسان هنن کي عنايت ڪئي آهي. حالانڪ جنهن الله تعالىٰ مشڪل ۾ هنن جي ٻيڙي ٻڏڻ کان ڪين بچائي ورتو هيو ۽ هنن کي مشڪلاتن کان نجات ڏئي نئين زندگي بخشي هئي، ان کي وسارڻ نه کپندو هيو، پر هي نامراد ۽ ناشڪرا ٿي ويا ۽ هو اسان جي ڏنل مهلت جو ناجائز فائدو حاصل ڪن. هن احسان فراموشي ۽ ناشڪريءَ جو انجام هو جلد ڏسڻ وارا آهن. اهڙن ناشڪرن يا ڪافرن لاءِ اهو ساڳيو انداز بيان سورت التڪاثر: 104 جي پوري سورت ۾ موجود آهي. اهي ڪافر مشڪل وقت ۾ ته الله تعالىٰ کي پڪارين ٿا ۽ ان جي رحمت سان بهره ور به ٿين ٿا، مگر پوءِ وري بتن ۽ مورتين کي پڪارڻ لڳن ٿا. حالانڪ اڪين سان ڏسن ٿا ته الله جي پناهه ۾ انهن جي زندگي امن ۽ سڪون سان گذري ٿي، هن لاءِ هڪ بهترين مثال ڪعبة الله جي حرم هجڻ جو آهي (القصص: 75/28، البقره: 2/ 126 ۽ ان جا ڏنل ٻيا حوالا) جنهن کي دور جهالت ۾ به وڏي عزت حاصل هئي ۽ هينئر به آهي. "وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا" جيڪو حرمِ ڪعبه ۾ داخل ٿيو، اهو امن ۽ سلامتيءَ وارو وارو هوندو. هتي ڪنهن کي پنهنجي والد جو قاتل نظر اچي وڃي ته ان کان انتقام وٺڻ جو خيال به نه ايندو، ڇو ته الله تعالىٰ هن کي امن جي جاءِ ڪيو آهي. حالانڪ ان کان ٻاهر ماڻهن کي جهٽيو ويندو ۽ غائب به ڪيو ويندو آهي. هنن کان پڇو ته ڇا اهڙي ڇٽي شهادت بعد به

اهي نادان الله عزو جل جي قانون کي ڇڏي، هو پنهنجي خود ساخته نظام تي ايمان رکن ٿا، جنهن جو نتيجو گمراهي ۽ تباهي آهي ۽ انهن راحتن ۽ خوشگوار لمحن ۽ زندگي جي سدابهار سهولتن کان پاڻ کي محروم رکڻ چاهين ٿا، جيڪا الله جل شانه جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ ملي ٿي، جنهن سان دنيا توڙي آخرت جي عارضي ۽ دائمي حيات خوشگوار ۽ سدا بهار بڻجي وڃي ٿي.

زندگي جا ٻئي رخ ۽ ان جي مفادات ۽ نقصانات جا اسباب صاف صاف طور بيان ٿي وڃڻ بعد هنن کان پڇو ته ڀلا ان ماڻهوءَ کان زياده مجرم ۽ سرڪش ڪير هوندو، جيڪو پنهنجون ڪهاڻيون پاڻ گهڙي، وري انهن کي منسوب الله تعالىٰ ڏانهن ڪري. يا حق ۽ سچ واري هدايت کي نه مڃي ۽ ان کي ڪوڙو سڏي. اهڙن ڪافرن جو ٺڪاڻو جهنم آهي. بلڪل جهنم آهي، جتي هو هميشه هميشه جلندا سڙندا رهندا. پر هنن نااهل نامراد ماڻهن کانسواءِ اهڙا به ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ رات ڏينهن جدوجهد ۾ مشغول آهن ۽ ان راهه تي هلي رهيا آهن، جيڪا راهه اسان هنن لاءِ مقرر ڪئي آهي. ياد رکو جيڪي ماڻهو ٻين انسانن سان خدا تعالىٰ جي ٻڌايل طريقي موجب سٺي نموني زندگي گذارين ٿا ۽ الله جي تائيد ۽ نصرت حاصل ڪن ٿا، انهن لاءِ جنة الفردوس آهي. ”مُحۡسِنِيۡنَ“ ”مُحۡسِن“ جو جمع ۽ مادو ”اِحۡسَان“ آهي. الله تعالىٰ جي ڏنل حڪمن کي دل جي خلوص ۽ سچائيءَ سان نبي ڪريم ﷺ جي اسوه حسنىٰ مطابق ڪرڻ ۽ برائيءَ جي بدلي ۾ نيڪي ڪرڻ جو نالو ”احسان“ آهي. يا پنهنجو حق ونڻ ڇڏي ڏيڻ يا ٻئي ڌر کي سندس حصي کان وڌيڪ ڏيڻ. نماز ۽ عبادت ۾ اهو سمجهڻ ته الله تعالىٰ هن کي ڏسي رهيو آهي ۽ الله تعالىٰ وٽ خود وڃي رهيا آهيون، اهو به احسان آهي.

---

الحمد لله والشڪر له. بعونه تعالىٰ قد تمت شرح البيان لسورة العنڪبوت اليوم 18 صفر 1445هجري مطابق 5 دسمبر 2023 ع

بارڪڪم الله لي ولڪم في القرآن العظيم ونفعني و اياڪم بالآيات والذڪر الحڪيم

(حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان)